# حج
# واري مهيني جا ابتدائي عظيم
# ڏه ڏينهن

01-August-2019



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# حج واري مهيني جا ابتدائي عظيم ڏهه ڏينهن

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن بہ مسجد ۾ داخل ٿيو، ياد اچڻ تي اعتڪاف جي نيت ڪري وٺو، جوتہ جيستائين مسجد ۾ رهندؤ اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ يا سحري، افطاري ڪرڻ، ايستائين جو آبِ زم زم يا دَم ڪيل پاڻي پيئڻ جي بہ شرعاً اجازت ناهي، البت جيڪڏهن اعتڪاف جي نيت هوندي تہ اهي سڀ شيون ضمناً جائز ٿي وينديون. اعتڪاف جي نيت بہ صرف کائڻ، پيئڻ يا سمهڻ جي لاءِ نہ هئڻ گهرجي بلڪ ان جو مقصد الله تعاليٰ جي رِضا هجي. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: جيڪڏهن ڪو مسجد ۾ کائڻ پيئڻ يا سمهڻ چاهي تہ اعتڪاف جي نيت ڪري ۽ ڪجھ دير ذِکرُالله ڪري پوءِ جو چاهي ڪري **(يعني هاڻي چاهي تہ کائي پي يا سمهي سگهي ٿو.)**

## دُرُود شريف جي فضيلت

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمانِ رَحمت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش کان علاوه ٻي ڪا ڇانوَ نہ هوندي، ٽي (3) شَخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ ۾ هوندا. (1) اُهو شخص جيڪو منهنجي اُمتيءَ جي پريشاني دور ڪري (2) منهنجي سنّت کي زنده ڪرڻ وارو (3) مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ وارو. (اَلبُدورُ السّافرة لِلسُّيوطي، ص ١٣١حديث: ٣٦٦ )

پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سَدا مَیں
اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غوث و رضا دے

(وسائلِ بخشش مُرَمَّم،ص۱۱۴)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ثواب حاصل ڪرڻ خاطر بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نِيّتون ڪري وٺون ٿا. فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: ”نِيَّةُ الْمُؤْمِنِ خَيْرٌ مِّنْ عَمَلِهٖ“ يعني مسلمان جي نِيّت ان جي عمل کان بهتر آهي. (المعجم الكبير،سهل بن الساعدي...الخ ج 6، ص 185، الحديث: 5942)

**ٻه مدني گُل:** (1) بغير سٺي نيّت جي ڪنهن به نيڪ عمل جو ثواب ناهي ملندو. (2) جيتريون سٺيون نِيّتون وڌيڪ، اوترو ثواب به وڌيڪ.

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

❖ نگاهون جهڪائي پوري توجهه سان بيان ٻڌندس ❖ ٽيڪ لڳائي ويهڻ بدران علمِ دين جي تعظيم خاطر جيترو ٿي سگهيو ٻئي گوڏا وچائي ويهندس ❖ ضرورت پوڻ تي ٻين جي لاءِ سِرڪي جاءِ ڪشاده ڪندس ❖ ڌِڪو وغيره لڳو ته صبر ڪندس، گهوري ڏسڻ ۽ اٽڪڻ کان بچندس ❖ صَلُّوا عَلَي الحَبِيب! اُذكُرُوالله , تُوبُوا اِلَي الله! وغيره ٻڌي ثواب ڪمائڻ ۽ صدا لڳائڻ وارن جي دِل جوئي جي لاءِ بلند آواز سان جواب ڏيندس ❖ بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي سلام، مصافحو ۽ انفرادي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن هفتيوار اجتماع جي بيان جو موضوع آهي ”حج جي مهيني جا اِبتدائي عظيم 10 ڏينهن“. جنهن ۾ اسان ذُوالحِجَّة جي مهيني جون فضيلتون ٻڌنداسين، قرباني جون فضيلتون ۽ مسئلا، گوشت

(Meat) جا طبّي فائدا ۽ وڏيڪ کائڻ جا نقصان بہ بيان ڪيا ويندا، ذُوالحِجَّۃ جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾ عبادت جي حوالي سان بہ ٻڌنداسين، ضِمناً ذِڪرُاللہ جون فضيلتون ۽ نفل روزن بابت بہ ٻڌنداسين جڏهن تہ آخر ۾ عرب و عجم جي شيخ، خليفہ اعليٰ حضرت سيدي قُطبِ مدينہ حضرت علّامہ مَولانا ضياءالدّين احمد مَدَني قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سيرتِ پاڪ جون ڪجھ جهلڪيون بہ بيان ڪيون وينديون. اي ڪاش! اسان کي سچو بيان سنين سنين نيتن سان ٻڌڻ جي سعادت نصيب ٿي وڃي.آمين

صَلُّوا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪهڙي شيءِ روزو رکڻ تي آماده ڪيو؟

حضرت سَيدتُنا عائشہ صِدّيقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي تہ هڪ جوَان جيڪو رسول اڪرم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون حديث سڳوريون ٻڌندو هو، جڏهن ذُوالحِجَّۃ جو چنڊ نظر آيو تہ ان روزو رکي ورتو، جڏهن پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي اها خبر ملي تہ اُمّت تي مهربان، ٻنهي جهانن جي سُلطان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي گهرائي پڇا ڪيائون: توکي ڪهڙي شيءِ روزو رکڻ تي آماده ڪيو؟ ان عرض ڪيو: يارسولَ اللہ (صَلَّی اللهُ عَلَيْكَ وَسَلَّم)! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان ٿين، هي **حج ۽ قرباني** جا ڏينهن آهن، شايد اللہ پاڪ مون کي بہ هنن جي دعائن ۾ شامل فرمائي. حضورِ پُرنور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايائون: تنهنجي هر ڏينهن جي روزي جو اجر سو (100) **غلام آزاد** ڪرڻ جي برابر، سو (100) **اُٺن جي قربانين** ۽ راهِ خدا ۾ ڏنل سو (100) **گهوڙن جي اَجر** جي برابر آهي. جڏهن انين ذُوالحِجَّۃ جو ڏينهن ٿيندو تہ توکي ان ڏينهن جي روزي جو ثواب بہ هزار(2000) غلام آزاد ڪرڻ، بہ هزار (2000) اُٺن جي قرباني ڪرڻ ۽ راهِ خدا ۾ سواري جي لاءِ بہ هزار (2000) گهوڙا ڏيڻ جي برابر حاصل ٿيندو. جڏهن نائين جو ڏينهن ٿيندو تہ توکي ان ڏينهن جي روزي جو ثواب هزار (1000) غلام آزاد ڪرڻ، هزار (1000) اُٺن جي قرباني ۽ راهِ خدا ۾ سواري جي لاءِ ڏنل هزار

(1000) گهوڙن جي اَجر جي برابر ٽيندو. (اللآليء المصنوعة للسيوطي،كتاب الصيام، ۹۱/۲ملتقطاً)

(البت "حج ڪرڻ واري تي جيڪو عَرَفات ۾ آهي، ان ڪي عَرَفَہ (يعني9 ذُوالحِجَّة الحَرَام) جي ڏينهن روزو رکڻ مڪروه آهي." (بهارِ شريعت،حصه:پنجم،۱۰۱۰/۱)

روزہ داروں کے واسطے وَاللہ مغفرت کی نوید ہوتی ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ذُوالحِجَّ شريف جي ابتدائي 10 ڏينهن ۾ ڇا ڪريون؟

سُبْحٰنَ الله! پڌو اوهان تہ ذُوالحِجَّ شريف جا ابتدائي 10 ڏينهن بہ ڪيتري قدر برڪتن ۽ رحمتن وارا آهن، جن ۾ ربّ ڪريم جي رحمت پانهن تي ڇماڇم وسي رهي هوندي آهي،جيڪو خوش نصيب انهن ڏينهن ۾ رِضاءِ الٰهي جي لاءِ پهرين ذُوالحِجَّة کان نائين ذُوالحِجَّة تائين روزا رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي تہ الله ڪريم ان ڪي هزارين غلام آزاد ڪرڻ، هزارين **اُٺن جي قرباني** ڪرڻ ۽ راهِ خدا ۾ ڏنل **هزارين گهوڙن** جي برابر اَجر و ثواب عطا فرمائيندو آهي.

**اي عاشقانِ رسول! غور ڪريو!** انهن مبارڪ ڏينهن ۾ هڪ، هڪ روزو رکڻ تي ايتري قدر ثواب عطا ڪيو پيو وڃي تہ جيڪي خوش نصيب مسلمان انهن ڏينهن ۾ مختلف (Different) عبادت مثال طور ڏينهن جو روزو ۽ راتين جو جاڳي عبادتون ڪرڻ ۾ گذاريندا هوندا تہ انهن جي ثواب جو اندازو ڪير لڳائي سگهي ٿو ۽ الله ڪريم انهن ڪي عبادت ڪرڻ تي ڪهڙن انعامن ۽ بخششن سان نوازيندو، تنهنڪري اي عاشقانِ رسول **انهن 10 ڏينهن** ڪي هرگز هرگز غفلت ۾ نہ گذارڻ گهرجي، **ان 10 ڏينهن** ۾ پنهنجو پاڻ ڪي عبادت ۾ مشغول رکڻ گهرجي، **ان 10 ڏينهن** ۾ 10 ذُوالحِجَّة جي ڏينهن جي علاوه باقي ڏينهن جا روزا رکڻ گهرجن، ياد رهي! 10ذُوالحِجَّة الحرام جو روزو رکڻ **مڪروهِ تحريمي** ۽ گناهہ آهي .

(بهارشريعت،۹۶۷/۱ملخّصًا،دُرِّ مُخْتاروردالمحتار،۳۹۱/۳ ملخّصًا)

**اي عاشقانِ رسول!** اَلْحَمْدُلِلّٰه نَفلي روزن جا بہ بي شُمار ديني ۽ دُنيوي فائدا آهن ۽ ثواب تہ ايتري قدر گهڻو آهي جو دلي چاهي ٿي تہ بس روزا رکندا ئي رهون. مثال طور ايمان جي حفاظت، جهنّم کان نَجات ۽ جنّت جو حُصُول، روزي ۾ ڏينهن جو کائڻ پيئڻ ۾ خرچ ٿيڻ واري وَقت ۽ اَخراجات جي بچت، پيٽ جي اِصلاح ۽ کوڙ سارين بيمارين کان حفاظت جو سامان آهي. سڀ کان وڏو فائدو اهو آهي تہ روزي دار کان الله پاڪ راضي ٿي ويندو آهي، تنهنڪري اسان کي ڪوشش ڪري هر مهيني ڪجهہ نہ ڪجهہ نفلي روزا بہ رکڻ گهرجن، خاص ڪري سومر شريف، جمعرات ۽ ايامِ بِيض (يعني هر اسلامي مهيني جي 14،13،15 تاريخ) جا روزا رکڻ تہ سُنّتِ مبارڪ بہ آهي. جيئن

اُمُّ الْمؤمنين حضرت سيدتنا عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان روايت آهي، حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سومر ۽ جمعرات جو روزو رکندا هئا. (ترمذي،ابواب الصوم،باب ماجاء في صوم يوم الاثنين و الخميس،۱۸۶/۲،حديث:۷۴۵ملخصا) حضرت سَيدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُما کان روايت آهي، الله پاڪ جا نبي، مڪي مَدَني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ايامِ بِيض ۾ بغير روزي جي نہ هوندا هئا، نہ سفر ۾، نہ سفر جي علاوه . (نسائي،ڪتاب الصيام،باب صوم النبي...إلخ،ص۳۸۶،حديث:۲۳۴۲) سرڪارِ مدينہ، قرارِ قلب و سينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جڏهن مهيني ۾ ٽي روزا رکڻا هجن تہ تيرهن (13)، چوڏهن (14) ۽ پندرهن (15) جو رکو. (ترمذي،ابواب الصوم،باب ماجاء في صوم ثلاثة ايام من كل شهر... الخ،۱۹۳/۲،حديث:۷۶۱) اميرِاهلسنت، حضرت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مَدَني انعامات ۾ نفل عبادتن جو شوق ڏياريندي هر سومر شريف جو روزو رکڻ جي ترغيب بہ ڏياري آهي، جيئن مَدَني انعام نمبر 58 آهي، **چا اوهان هن هفتي سومر شريف** (يا رهجي وڃڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڏينهن) **جو روزو رکيو؟** اَلْحَمْدُ لِلّٰه ڪثير عاشقانِ رسول سومر شريف جي روزي جو اهتمام ڪندا آهن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّة جي انهن 10 ڏينهن ۾ ڪثرت سان

تلاوت ڪئي وڃي، **انهن** (10) **ڏينهن** ۾ پنهنجي زبان کي ذڪر ۽ دُرود سان تر رکڻ گهرجي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ خوب خوب نفل عبادت ڪئي وڃي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** جي راتين ۾ بہ جاڳي ڪري ربّ ڪريم جي عبادت ڪئي وڃي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ بہ گناهن کان بچڻ گهرجي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ راهِ خدا ۾ دل کولي خرچ ڪرڻ گهرجي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ خاص ڪري **هفتيوار اجتماع** ۾ شرڪت ڪرڻ گهرجي، **انهن ڏهن** (10) ڏينهن ۾ مسجدن کي آباد ڪرڻ گهرجي، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ مدني ڪمن جون ڌومون مچائڻ گهرجن، **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** ۾ هڪ هڪ گهر وڃي پنهنجي پياري تحريڪ دعوتِ اسلامي جي خاطر قرباني جي جانورن جي کلن جي لاءِ رابطا ڪرڻ گهرجن، **انهن ڏهن ڏينهن** ۾ نہ صرف پاڻ مَدَني قافلن ۾ سفر بلڪ عاشقانِ رسول کي بہ مَدَني قافلن ۾ سفر ڪرائڻ گهرجي. الله ڪريم اسان کي ذُوالحِجَّة جي **انهن ڏهن** (10) **ڏينهن** جون خوب خوب برڪتون عطا فرمائي. آمِين بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِین صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ

عبادت میں گزرے مری زندگانی
کرم ہو کرم یاخدا یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ذُوالحِجَّة الحَرَام اسلامي سال جو اهو ٻارهون مهينو آهي جيڪو حُرمت وارن مهينن ۾ شامل آهي. حُرمت يعني احترام وارا مهينا چار آهن: (1) **ذُوالقَعدَة الحَرَام** (2) **ذُوالحِجَّة الْحَرَام** (3) **مُحَرَّمُ الحَرَام** ۽ (4) **رَجَبُ الْمُرَجَّب**. انهن مان افضل **ذُوالحِجَّة الْحَرَام** آهي، خاص ڪري هن جا شروعاتي ڏهه ڏينهن ۽ راتين جون فضيلتون تہ تمام گهڻيون آهن. قرآنِ ڪريم بہ هن مهيني جي پهرين ڏهن راتين جو قسم ارشاد فرمايو آهي، جيئن

سيپاري 30 **سُورهءِ فَجر** جي آيت نمبر1 ۽ 2 ۾ ارشادِ باري آهي:

وَالْفَجْرِ ۙ﴿۱﴾ وَلَيَالٍ عَشْرٍ ۙ﴿۲﴾ (پاره۳۰،الفجر:۱،۲)

ترجمو ڪنزالايمان: ان صبح جو قسم، ۽ ڏھن راتين جو.

حضرت سيدنا عبدُاللّٰه بن عباس رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُما کان روايت آهي تہ انهن ڏھن راتين مان مراد ذُوالحِجَّہ جون پهريون ڏھ راتيون آهن ڇوتہ هي زمانو حج جي عملن ۾ مشغول ٿيڻ جو زمانو آهي. (خازن، الفجر، تحت الآية:۴،۱/۴۰۱)

اَلْحَمْدُلِلّٰه حديث سڳورين ۾ بہ مختلف هنڌن تي انهن ڏھن ڏينهن ۽ راتين جون فضيلتون بيان ٿيون آهن. اچو! ترغيب جي لاءِ 5 فرمانِ مصطفٰي پڙهون ٿا، جيئن

## ذوالحجة جي شروعاتي ڏھن ڏينهن جي فضيلتن تي مشتمل 5 روايتون

(1) ارشاد فرمايائون: اللّٰه ڪريم وٽ ڪو بہ ڏينهن عشرهءِ ذُوالحِجَّہ کان وڌيڪ نہ عظيم آهي ۽ نہ انهن ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن جو نيڪ عمل ان کي محبوب آهي، تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ تهليل (يعني لَآاِلٰه اِلَّا الله)، تڪبير (يعني اَللّٰه اَكْبَر) ۽ تحميد (يعني اَلْحَمْدُلِلّٰه) جي ڪثرت ڪريو. (مسنداحمد،مسند عبد الله بن عمر،۲/۳۶۵، حديث: ۵۴۴۷)

(2) ارشاد فرمايائون: اللّٰه پاڪ وٽ عشرهءِ ذُوالْحِجَّہ جي ڏينهن کان افضل ڪوئي ڏينهن نہ آهي . (ابن حبان،كتاب الحج،باب الوقوف بعرفة...الخ،ذكررجاء العتق من النار...الخ،۶/۶۲، حديث:۳۸۴۲)

(3) ارشاد فرمايائون:جن ڏينهن ۾ اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪئي ويندي آهي، انهن مان ڪوئي ڏينهن ذُوالحِجَّہ جي ڏھن ڏينهن کان وڌيڪ پسنديده نہ آهي، انهن مان (ڏھ ذُوالحِجَّہ جي علاوه) هر ڏينهن جو روزو هڪ سال جي روزن ۽ (ڏهين ذُوالحِجَّہ سميت) هر رات جو قيام لَيلَةَ القَدر جي قيام جي برابر آهي. (ترمذي،كتاب الصوم،باب ما جاء في العمل في ايام العشر،۲/۱۹۲،حديث:۷۵۸)

(4) ارشاد فرمايائون: اللّٰه ڪريم جي ويجهو حج جي انهن ڏھن ڏينهن کان افضل ۽ پسنديده ڪو ڏينهن ناهي تنهنڪري انهن ڏينهن ۾ سُبْحَانَ اللّٰه،

اَلْحَمْدُلِلّٰہِ ،لَآاِلٰہ اِلَّا اللہ ۽ اَللہُ اَکْبَرُ جي ڪثرت ڪريو. ھڪ روايت ۾ آھي تہ انھن ڏينھن ۾ سُبْحَانَ اللہِ، اَلْحَمْدُلِلّٰہِ، لَآاِلٰہ اِلَّا اللہُ ۽ **ذِڪرُالله** جي ڪثرت ڪندا رھو ۽ انھن مان ھڪ ڏينھن جو روزو ھڪ سال جي روزن جي برابر آھي ۽ انھن ڏينھن ۾ عمل کي 700 ڀيرا وڌيڪ ڪيو ويندو آھي. (شعب الایمان ،باب في الصيام، فصل تخصيص ايام العشر...الخ،۳/۳۵۶ ، رقم: ۳۷۵۸)

(5) ارشاد فرمايائون: حج جي ڏھن ڏينھن ۾ ڪيل عمل الله پاڪ کي باقي ڏينھن ۾ ڪئي ويندڙ عمل کان وڌيڪ محبوب آھي.صحابہ ڪرام عَلَيهِمُ الرِّضْوَان عرض ڪيو، يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! ڇا راھِ خدا ۾ وڙھڻ بہ؟ ارشاد فرمايائون: ھا! راھ خدا ۾ وڙھڻ بہ، سواءِ ان شخص جي جيڪو پنھنجي جان ۽ مال سان گڏ نڪري ۽ انھن ٻنھي مان ڪجھ بہ واپس نہ ڪٽي اچي. (بخاري ، كتاب العيد ين ،باب فضل العمل ...الخ،۱/۳۳۳، حديث: ۹۶۹)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّہ جي انھن 10 ڏينھن ۾ جيترو ٿي سگھي پنھنجي نيڪين ۾ اضافو ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪرڻ گھرجي ۽ پنھنجي زبان کي فضول ڳالھين کان بچائيندي ذِڪرُ الله سان تر رکيو وڃي جو ذِڪرُالله جون بيشمار فضيلتون آھن. اچو! الله پاڪ جي ذِڪر جون ڪجھ فضيلتون ٻڌون ٿا:

❖ ھي لفظ الله پاڪ کي پيارا آھن: سُبْحَانَ اللہ، اَلْحَمْدُلِلّٰہ، لَآاِلٰہ اِلَّااللہ، اَللہ اَکْبَر (ترمذي ،کتا ب الدعوات،باب۶۰،رقم:۳۴۷۳، ۵/۲۸۶) ❖ سُبْحَانَ اللہ، اَلْحَمْدُلِلّٰہ، لَآاِلٰہ اِلَّا اللہ ،اَللہ اَکْبَر، انھن مان ڪو بہ ڪلمو چوڻ سان جنت ۾ ھڪ وڻ لڳايو ويندو آھي. (ابن ماجه،کتاب الادب،باب فضل التسبيح،رقم:۳۸۰۷،۴/۲۵۲) ❖ سُبْحَانَ الله چوڻ سان 20 نيڪيون لکيون وينديون آھن ۽ 20 گناھ مٽايا ويندا آھن. (مستدرک،کتاب الدعا ء والتكبير الخ،باب فضيلة التسبيح،رقم:۲،۱۹۲۹/۱۹۲) ❖ لَآاِلٰہ اِلَّااللہ چوڻ سان 20 نيڪيون لکيون وينديون آھن ۽ 20 گناھ مٽايا ويندا آھن. (ايضاً) ❖ اَللہ اَکْبَر چوڻ سان 20 نيڪيون لکيون وينديون آھن ۽ 20 گناھ مٽايا ويندا

آهن.(ايضاً) ❖ اَلْحَمْدُلِلّٰه رَبِّ الْعَالَمِين چوڻ سان 30 نيڪيون لکيون وينديون آهن ۽ 30 گناهه مٽايا ويندا آهن. (ايضاً) ❖ لَآ اِلٰه اِلَّا الله جنت جي چاٻي آهي. (مسند احمد،رقم:۲۵۷/۲۲۱۶۳،۸) ❖ سُبْحَانَ الله چوڻ اڌ ميزان کي پري ڇڏيندو آهي. ❖ اَلْحَمْدُلِلّٰه چوڻ سڄي ميزان کي پري ڇڏيندو آهي. ❖ لَآاِلٰه اِلَّا الله سڀ کان افضل ذڪر آهي. (ابن ماجه، ڪتاب الادب، باب فضل الحامدين ،رقم: ۳۸۰۰، ۴ / ۲۴۸ ) ۽ ❖ اَلْحَمْدُلِلّٰه سڀ کان افضل دعا آهي.(ايضاً)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان جيڪي الله پاڪ جي ذِڪر جون فضيلتون ٻڌيون، انهن فضيلتن کان پهريان جيڪي حديث سڳوريون بيان ٿيون انهن سان اهو معلوم ٿيو! ذِي الحِجَّ جا پهريان ڏهه ڏينهن گهڻا عظيم ڏينهن آهن، ذِي الْحِجَّ جي پهرين ڏهه ڏينهن جو عمل الله کي گهڻو پسند آهي، ذِي الحِجَّ جا پهريان ڏهه ڏينهن تمام گهڻي فضيلت وارا آهن، ذِي الْحِجَّ جي پهرين ڏهه ڏينهن مان ممنوع ڏينهن جي علاوه هر ڏينهن جو روزو) هڪ سال جي روزن ۽ هر رات جو قيام لَيلة القَدر جي قيام جي برابر آهي، ذِي الحِجَّ جي پهريان ڏهن ڏينهن ۾ ڪيا ويندڙ عمل تمام گهڻا پاڪيزه ۽ ثواب وارا آهن، ذُوالحِجَّ جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ عمل جو ثواب 700 ڀيرا وڌايو ويندو آهي، ذِي الحِجَّ جي پهرين ڏهن ڏينهن ۾ ڪيو ويندڙ عمل باقي ڏينهن ۾ ڪئي ويندڙ عمل جي مقابلي ۾ راهه خدا ۾ وڙهڻ کان وڌيڪ الله پاڪ کي پسند آهي، الغرض ذِي الْحِجَّ جا پهريان ڏهه ڏينهن ڪيئي فضيلتن ۽ برڪتن ۽ خصوصيتن سان مالا مال آهن.

هر سال ٻارهن مهينن کان پوءِ ذِي الحِجَّ جي مقدس مهيني ۾ اهي مبارڪ ڏينهن ايندا آهن ۽ پنهنجو فيضان ورهائي ٻارهن مهينن جي لاءِ تشريف کڻي ويندا آهن، پر افسوس! هڪ تعداد آهي جيڪا انهن ڏهن ڏينهن کي ٻه ٽين ڏينهن جيان غفلتن ۾ گذاري ڇڏيندي آهي، مثال طور ڪي نوجوان

انهن ڏهن ڏينهن ۾ پنهنجو ٽائم پاس ڪرڻ ۽ سيرو تفريح خاطر روزانو ۽ ڪي تہ هڪ، هڪ ڏينهن ۾ ڪيئي، ڪيئي ڀيرا مويشي منڊي (مال پڙي) ڏسڻ لاءِ ويندا آهن، مويشي منڊي ۾ وڃي وڏن وزني جانورن سان سيلفيون ڪيرائيندا آهن، سڄو سڄو ڏينهن بلڪ ڪجهہ تہ سڄيون سڄيون راتيون مويشي منڊين ۾ گهمڻ ڦرڻ ۽ قرباني جي جانورن کي ڏسڻ ۾ گذاري ڇڏيندا آهن، قرباني جي جانورن کي گهٽين ۽ روڊن تي بلا وجهہ ڊوڙائيندا آهن، مطلب تہ اهي ڏهہ ڏينهن عبادتن ۾ گذارڻ بدران عام ڏينهن جيان **غفلت** ۾ گذري ويندا آهن، جنهن سبب اهي نادان مَعَاذَاللّٰه فرض نمازن بلڪ کوڙ سارا نيڪ عمل ڪرڻ کان محروم ٿي ويندا آهن. اللّٰه ڪريم مسلمانن جي حالِ زار تي رحم فرمائي، انهن کي خوابِ غفلت کان بيدار ٿي ذُوالحِجَّہ جي انهن ڏهن ڏينهن جي خوب قدر ڪرڻ ۽ انهن کي وڌ کان وڌ نيڪ عملن ۾ گذارڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمين

عبادت میں لگتا نہیں دل ہمارا  ہیں عصیاں میں بدمست ہم یاالٰہی
مجھے دے دے ایمان پر استقامت  پئے سیدِ مُحْتَشَم یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب!  صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجّةُ الحَرام جو مهينو پنهنجون بهارون لُٽائي رهيو آهي، هن جي آمد ٿيندي ئي سُنَّتِ ابراهيمي جون يادون تازه ٿي ونديون آهن، هر سال لکين مُسلمان هن مُقدَّس مهيني ۾ اللّٰه پاڪ جي حڪم جي پيروي، سُنتِ ابراهيمي ۽ سُنَّتِ مُصطَفٰي جي ادائيگي جي لاءِ تيار نظر ايندا آهن تنهنڪري جيڪو مسلمان قرباني ڪرڻ جي طاقت رکندو هجي، ان کي گهرجي تہ هو رِضاءِ اِلٰهي جي حُصُول ۽ سُنَّتِ ابراهيمي جي اَدائيگي جي نِيت سان هن مهيني ۾ مالِ حلال مان قُرباني جو فريضو سَر اَنجام ڏي، ڇوتہ اها تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي، جيئن

سيپاري 30 **سُوْرَة ڪوثر** جي آيت نمبر2 ۾ ارشادِ باري آهي:

فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ﴿۲﴾ (پ۳۰،الکوثر،۲)

**تَرجموڪنز الايمان:** پوءِ تون پنهنجي رب جي لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر.

مشهور مفسرِ قرآن امام فخرُ الدين رازي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ مُبارڪ جي تحت فرمائن ٿا ته حنفي عالم سڳورن هن آيت مان اهو اِستِدلال فرمايو ته **قُرباني واجب** آهي. (تفسير ڪبير،۳۱۸/۱۱)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! احاديث مبارڪ ۾ قرباني جي **فضيلت** سان مالا مال آهن. اچو! قُرباني جي فضيلتن تي مُشتمل چار(4) فرامينِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖوَسَلَّمَ ٻڌون ٿا، جيئن

- ارشاد فرمايائون: قرباني ڪرڻ واري کي قرباني جي جانور جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. (تِرمِذِي، ڪتاب الاضاحي ،باب ماجاء في فضل الاضحية، ۱۶۲/۳حديث ۱۴۹۸)
- ارشاد فرمايائون: جنهن خوش دلي سان ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ قرباني ڪئي ته اها جهنّم جي باهه کان حِجاب (يعني روڪ) ٿي ويندي. (معجم ڪبير،حسن بن حسن بن علي عن ابيه ،۸۴/۳، حديث :۲۷۳۶)
- **پنهنجي پياري شهزادي**، خاتونِ جنّت کي پياري آقا، حبيبِ ڪبريا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جن **ارشاد فرمايو** : اي فاطمه! پنهنجي قرباني وٽ موجود رهو، ڇو ته جڏهن ان جي رت جو پهريون قطرو ڪِرندو ته توهان جا سڀ گناهه معاف ڪيا ويندا. (سنن ڪبري لِلْبَيهقِي، ڪتاب الضحايا، باب ما يستحب للمرء ...الخ ، ۹ / ۴۷۶،حديث :۱۹۱۶۱)
- ارشاد فرمايائون: انسان عيدالاَضحيٰ جي ڏينهن ڪا اهڙي نيڪي ناهي ڪندو جيڪا الله پاڪ کي رت وهائڻ کان وڌيڪ پياري هجي، اها قرباني قيامت ۾ پنهنجي سڱن، وارن ۽ کُرن سان ايندي ۽ قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ ۾ الله وٽ قبول ٿي ويندي آهي. تنهنڪري خوش دليءَ

سان قرباني ڪريو. (ترمذي،كتاب الاضاحي، باب ماجاء في فضل الاضحية،۱۶۲/۳حديث:۱۴۹۸)

حضرت علامہ شيخ عبدالحق مُحَدِّث دهلوي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: قرباني پنهنجي ڪرڻ واري جي نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي جنهن سان نيڪين جو پلڙو وزني ٿي ويندو. (اشعة اللمعات ج 1 ص 654)

حضرت سيدنا مُلّا علي قاري رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰی عَلَيْه فرمائن ٿا: پوءِ ان جي لاءِ سواري بڻجندي جنهن جي ذريعي اهو شخص آسانيءَ سان پلصراط تان گذرندو ۽ ان (جانور) جو هر عضوو مالڪ (يعني قرباني پيش ڪرڻ واري) جي هر عضوي (جي لاءِ جهنم کان آزادي) جو فِديو بڻجندو. (مِرْقاة الْمَفاتِيح،۵۷۴/۳،تحت الحديث:۱۴۷۰، مرآة المناجيح،۲ / ۳۷۵)

دے نزع و قبر و حشر میں ہر جا اماں، اور دوزخ کی آگ سے بچا یارب مصطفٰے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

**اي عاشقانِ رسول!** بيان ڪيل احاديثِ مبارڪہ مان معلوم ٿيو تہ قرباني جي عيد تي اللّٰه پاڪ قرباني جو فريضو ادا ڪرڻ وارن خُوش نصيبن کي انهن جي جانورن جي هر وار جي بدران هڪ نيڪي عطا ڪندو آهي، قرباني ڪرڻ وارن کي جهنَّم جي باهہ کان نجات ملندي آهي، جانور جي رت جو پهريون قطرو زمين تي ڪرڻ کان پهريان پهريان گُناہ معاف ڪيا ويندا آهن، محشر جي ڏينهن قرباني نيڪين جي پلڙي ۾ رکي ويندي تہ اها وزني ٿي ويندي ۽ قُرباني ڪرڻ وارو پنهنجي جانور تي سوار ٿي پُل صراط تان آسانيءَ سان گذري ويندو، تنهنڪري جيڪو مسلمان (مرد ۽ عورت، بالغ، مقيم) مالڪ نصاب هجي (يعني اُن شخص وٽ ساڍا باونجهہ تولا چاندي يا ايتري ماليت جي رقم يا ايتري ماليت جو واپار جو مال يا ايتري ماليت جو حاجتِ اَصلِيہ جي علاوه سامان هجي ۽ اُن تي اللّٰه ڪريم يا ٻانهن جو ايترو قَرض نہ هجي جنهن کي ادا ڪري ۽ پوءِ بيان ڪيل نصاب باقي نہ رهي) تہ اهڙي شخص تي شرعاً قرباني واجب آهي.

(ابلق گهوڙي سوار، ص 6) تنهنڪري ان کي گهرجي تہ هو خوش دلي سان قرباني جو فريضو سرانجام ڏئي ۽ گڏوگڏ قرباني جا مسئلا پڻ سکڻ جي ڪوشش ڪري ڇوتہ جنهن شخص تي شرعي اُصُولن جي بنا تي قُرباني واجب آهي، ان تي قُربانيءَ بابت مسئلا سکڻ بہ لازم آهن.

اَلْحَمْدُلِله! عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسان جي روزمرّه جي ڪيئي معاملن ۾ اسان جي رهنمائي ڪندي آهي، اهڙي طرح **قُرباني** ڪرڻ وارن جي آساني جي لاءِ **"آن لائن قرباني ڪورس"** بہ ڪرايو ويندو آهي، اهو ڪورس صرف 7 **ڏينهن** جو ٿيندو آهي، جنهن ۾ روزانو صرف **اڌ ڪلاڪ** (30 منٽ) جي ڪلاس ٿيندي آهي، خاص ڪري اهي عاشقانِ رسول جيڪي هن سال **قرباني** جي سعادت حاصل ڪندا، مشورو آهي تہ اهي اهو **قرباني ڪورس** ضرور ڪرڻ جي ڪوشش ڪن، تہ جيئن اسان جي قرباني غلطين کان بچي **شريعت جي مطابق** دُرست طريقي سان ٿي سگهي.

اچو! قرباني بابت ڪجهه ضروري مسئلا ٻڌون ٿا:

## قُرباني بابت ضروري مسئلا

(1) ڪجهه ماڻهو سڄي گهر جي طرفان هڪ ٻڪر قربان ڪندا آهن حالانڪ ڪڏهن ڪڏهن گهر جا ڪئي ياتي صاحبِ نصاب هوندا آهن، تنهنڪري سيني تي قرباني واجب ٿيندي آهي انهن سيني جي طرفان الڳ الڳ قرباني ڪئي وڃي، هڪ ٻڪر جيڪو سيني جي طرفان ڪيو ويو تہ ڪنهن جو واجب ادا نہ ٿيو جو ٻڪري ۾ هڪ کان وڌيڪ حصا نٿا ٿي سگهن، ڪنهن هڪ طئي شده شخص جي طرفان ٻڪر قربان ٿي سگهي ٿو.

(2) وڏي جانور **(يعني ڏڳو، ڳئون**، مينهن وغيره) ۾ اُٺَ ۾ ست قربانيون (يعني پتيون) ٿي سگهن ٿيون. (فتاويٰ هندية،۳۰۴/۵ ملخّصاً)

(3) **نابالغ** جي طرفان جيتوڻيڪ واجب ناهي پر ڪرڻ بهتر آهي ۽ اجازت بہ

ضروري ناهي. بالغ اولاد يا گهرواريءَ جي طرفان قرباني ڪرڻ چاهي ته انهن کان اجازت وٺي، جيڪڏهن انهن کان اجازت وٺڻ جي بغير ڪري ڇڏيائين ته انهن جي طرفان واجب ادا نه ٿيندو. (بهارِ شريعت،۳/۳۳۴)

اجازت ٻن طريقن سان ٿيندي آهي: (1) صراحةً (يعني واضح طور تي) مثال طور انهن مان ڪو واضح طور تي چئي ڇڏي ته منهنجي طرفان قرباني ڪر. (2) دلالةً مثال طور اهو پنهنجي گهرواريءَ يا اولاد جي طرفان قرباني ڪري ٿو ۽ انهن کي ان جو علم آهي ۽ اهي راضي آهن. (ابلق گهوڙي سوار،ص۹)

(4) **قربانيءَ** جي وقت ۾ قرباني ڪرڻ ئي لازم آهي ڪا ٻي شيءِ ان جي قائم مقام ٿي نه سگهندي، مثلاً قرباني ڪرڻ جي بدران ٻڪر يا ان جي قيمت صدقو ڪئي وڃي اهو ناڪافي آهي. (فتاويٰ هندية،۵/۲۹۳،بهارِشريعت،۳/۳۳۵)

(5) **قرباني** جي جانور جو بي عيب هئڻ ضروري آهي جيڪڏهن ٿورڙو به عيب هوندو (مثلاً ڪن چيريل هجي يا ڪن ۾ سوراخ هجي) ته قرباني مڪروهه ٿيندي ۽ گهڻو عيب هوندو ته قرباني نه ٿيندي. (بهارِ شريعت،۳/۳۴۰)

قرباني بابت وڌيڪ مسئلا سکڻ جي لاءِ **اميرِاهلسنت** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو **”ابلق گهوڙي سوار“** ۽ **”بهارِ شريعت“**،حصو 15 صفحي 327 تا 353 جو مطالعو فرمايو.

**جنّت جو گهيٽو ڪهڙو هو؟** جنّتي گهيٽي جي گوشت جو ڇا ٿيو؟ **ڪعبي شريف ڪي ٻاهه ڪڏهن ۽ ڪيئن لڳي؟**، حضرت سيدنا ابراهيم علىٰ نَبِيِّنَاوَعَلَيهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جون 10 **مخصوص فضيلتون** ڄاڻڻ جي لاءِ رِسالي **"پٽ هجي ته اهڙو!"** جو مطالعو اِنتهائي فائديمند رهندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم ”مدني دورو“

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني جا شرعي احڪام سکڻ ۽ قرباني کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ جي سوچ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مدني ماحول سان وابسته رهو ۽ ذيلي حلقي جي 12 مدني ڪمن جون ڌومون مچايو. 12 مدني ڪمن مان هڪ مدني ڪم **”مدني دَورو“** بہ آهي، جنهن جي ذريعي گهر گهر، دُڪان دُڪان ماڻهن کي نيڪي جي دعوت ڏني ويندي آهي. سُنّتن جي تربيت جي لاءِ سفر ڪرڻ وارن مدني قافلن جي شيڊول ۾ تہ روزانو نمازِ عصر کان پوءِ **”مَدَني دَوري“** جي ترڪيب ٿيندي آهي، ان جي علاوه عَلائقن، حلقن ۾ **هفتيوار** (Weekly) اهو مدني ڪم تنظيمي طور تي طئي ٿيل آهي. ڪيئي خوش نصيب عاشقانِ رسول هفتي ۾ هڪ کان وڌيڪ ڀيرا بہ **”مَدَني دَورو“** ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا، **”مَدَني دَورو“** نهايت ئي اهم مدني ڪم آهي، ڇوتہ هن مدني ڪم جي ذريعي **مسجدون آباد** ٿين ٿيون، **”مَدَني دَورو“** نيڪي جي دعوت جون فضيلتون ماڻڻ جو بهترين ذريعو آهي،**”مدني دَوري“** جي ذريعي عِلمِ دِين سکڻ سيکارڻ جو موقعو ملندو آهي، **”مَدَني دَوري“** جي بَرَڪت سان **نفلي اعتڪاف** جي سعادت ملندي آهي، **”مَدَني دَوره “مدني تربيت** جو بهترين ذريعو آهي، **” مَدَني دَوري“** جي برڪت سان **”سلام“** جي سُنّت بہ عام ٿيندي آهي .**”مَدَني دَوري“** ۾ **نفس جي ڪاٽ ۽ تڪبُّر** جو علاج بہ ڪري سگهجي ٿو، **”مَدَني دَورو“ مَدَني قافلا** سفر ڪرائڻ جي مشين آهي. **”مَدَني دَورو“** دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن جي **ترقّي** کي نمايان ڪري ٿو.

اچو! تَرغِيب لاءِ **مدني دوري** جي هڪ مَدَني بَهار ٻڌو ۽ پابندي سان **مدني دورو** ڪرڻ جي نِيت ڪريو، جيئن

### مسجد ڏانهن هلڻ لڳو

سنڌ جي شهر ٽنڊو آدم ۾ ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول جو هڪ مَدَني

قافلو پهتو. نمازِ عصر کان بعد گونگا ٻوڙا اسلامي ڀائر عمومي اسلامي ڀائرن سان گڏ علاقائي دوره براءِ نيڪي جي دعوت جي لاءِ ويا ۽ مسجد جي ويجهو هڪ ميدان ۾ ڪرڪيٽ کيڏندڙ نوجوانن وٽ پهتا. پوءِ هڪ عمومي اسلامي ڀاء ٻڌايو تہ اسان سان گڏ ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ کان محروم اسلامي ڀائر بہ آهن، اهي اوهان کي اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪندا. گونگن ٻوڙن اسلامي ڀائرن اشارن جي زبان ۾ نيڪي جي دعوت پيش ڪئي ۽ انهن کي مسجد ۾ پاڻ سان گڏ هلڻ جي دعوت پيش ڪئي. ان کان بعد عمومي اسلامي ڀاءُ بہ ترغيب ڏياري: اَلْحَمْدُلِلّٰه ”مدني دوره“۾ نيڪي جي دعوت ٻڌي اهو ڪرڪيٽ کيڏندڙ نوجوان ڪنڌ جهڪائي مبلغ سان گڏ مسجد ڏانهن هلي پيو ۽ اهڙي طرح ”مدني دوري“ جي برڪت سان نمازين جي تعداد ۾ اضافو ٿي ويو.

نہ ”نيکی کی دعوت“ میں سُستی ہو مجھ سے
بنا شائقِ قافلہ یاالٰہی

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اِسلامي مهيني ذِي الحِجَّہ جي فضيلت ۽ قرباني جون فضيلتون ۽ مسئلا ٻڌي رهيا هئاسين. عام طور تي عيد جي موقعي گوشت جي ڪثرت جي ڪري ڀاڄيون ۽ دالون پچائڻ جو رُجحان تقريباً نہ هئڻ جي برابر هوندو آهي ۽ گوشت مان نهيل کاڌا پچائڻ کي ئي وڌيڪ ترجيح ڏني ويندي آهي، ان ڪري گوشت مان جيڪي فائدا ۽ ثمرات اسان کي ملڻا هئا، وڌيڪ استعمال جي ڪري اسان انهن فائدن کان محروم ٿي ويندا آهيون ۽ گهڻو گوشت کائڻ جي آفت ۾ مبتلا ٿيڻ جي سبب ڊاڪٽرن ۽ حَڪيمن وٽ ڌڪا کائڻ تي مجبور ٿي ويندا آهيون، تنهنڪري گوشت جي مُعامَلي ۾ مِيانہ رَوي سان ڪم وٺو ۽ گوشت جي نقصان ڏيندڙ اَثرات کي

گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ان سان گڏ سبزين (Vegetable) جو استعمال ضرور رکو. اچو! هاڻي گوشت جا چند طبي فائدا ۽ وڏيڪ گوشت کائڻ جي نُقصانن جي باري ۾ ٻڌون ٿا.

## گوشت جا طبي فائدا

طبيبن جو چوڻ آهي تہ گوشت کائڻ سان (بدن جي) 70 قُوّتن ۾ اِضافو ٿئي ٿو، ان سان بصارت (ڏسڻ جي قوت) وڌيڪ ٿيندي آهي، گوشت بدن جي رنگ کي نکاري ٿو، پيٽ کي وڌڻ ناهي ڏيندو، اخلاق ۽ عادتن کي بهتر بڻائيندو آهي، ڪنڌ جو گوشت بهترين لَذِيذ، جلد هضم ٿيڻ وارو ۽ هلڪو هوندو آهي، دَستيءَ(ٻانهن) جو گوشت سڀ کان هلڪو، لذيذ تَرين، جلد هضم ٿيڻ وارو ۽ بيماري کان خالي هوندو آهي، پاڇي جو گوشت بالخصوص جڏهن پاڇو صحت مند هجي، نهايت مُعتدِل، لذيذ، عُمده ۽ پسنديده هوندو آهي، گرم هوندو آهي ۽ جيڪڏهن عُمدَه طَرِيقي سان هضم ٿئي تہ ان جو شمار قوت بخش غذا ۾ ٿئي ٿو. عام طور تي استعمال جي لاءِ شوروي (يعني رس) وارو گوشت بهتر رهي ٿو، سڀ کان بهتر گوشت ٻڪري جو هوندو آهي، ٻڪري جي گوشت ۾ دَستي ۽ ڪنڌ اهي مقام آهن جتي نسون ٿلهيون ناهن هونديون ۽ گوشت جلدي ڳرندڙ ۽ مُلائم هوندو آهي، پنيءَ جي گوشت جي نس ران کان گهٽ ٿلهي هوندي آهي ان ۾ خون پيدا ڪرڻ وارا اجزاء ملندا آهن، گوشت بدن کي وڌائي ڪري طاقت بخشيندو آهي، گوشت جا فائدا جانورن جي حساب سان مختلف آهن، ٻڪري جو گوشت صاف رت پيدا ڪندو آهي ۽ گرم مزاجن جي لاءِ مفيد آهي.

## وڌيڪ گوشت کائڻ جا نقصان

اچو هاڻي ڪثرت سان گوشت کائڻ جا **نُقصان** بہ ٻڌون ٿا،

ياد رکو! انساني جسم جي لاءِ هفتي ۾ ٻہ ٽي (3/2) ڀيرا کان وڌيڪ گوشت جو استعمال نُقصان ده آهي، وڏي جانور جو گوشت وڌيڪ کائڻ پنهنجو پاڻ

کي نقصان ۾ وجهڻ واري ڳالهه آهي، هن سان مسوڙا ۽ ڏند خراب ٿيندا آهن، گوشت جي ڪثرت سان گُرِدن (Kidneys) ۾ يورِڪ ايسِڊ (Uric Acid) جي زِيادتي ٿي ويندي آهي، گُرِدا ان کي آساني سان خارج نٿا ڪن، گوشت جو وڌيڪ استعمال **جگر** (Liver) جي لاءِ بہ نُقصان ده آهي، وڌيڪ مقدار ۾ گوشت کائڻ سان **ڪينسر** (Cancer) جو امڪان وڌي ويندو آهي. تنهنڪري عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ انسان پنهنجي صحت کي غنيمت سمجهندي، پنهنجو پاڻ کي لذّتن، چسڪي دار کاڌن، تيل ۽ گيهه ۾ تريل ۽ سٽيپ وارين غذائن جو عادي نہ بڻائي، گهڻو گوشت کائڻ جي ڪري ٿيندڙ تباهه ڪارين کي ذهن ۾ رکي، پنهنجي نفس کي ڪنٽرول ۾ رکي، گوشت کائڻ ۾ احتياط جو دامن پڪڙي رکي، خصوصًا دعوتن ۽ دوستن سان گڏ کاڌو کائڻ وقت تہ تمام ئي گهڻي احتياط ڪرڻ گهرجي تہ جيئن گهڻو گوشت کائڻ جي نتيجي ۾ ٿيڻ وارن نقصانن کان بچي سگهجي.

الله پاڪ اسان کي کائڻ سميت هر جائز ڪم ۾ درميانو انداز اپنائڻ جي توفيق نصيب فرمائي.آمين

نفس نے لذّتوں میں پھنسایا
مجھ پہ لطف و کرم ہو خدایا

دل سے چاہت مٹا ماسِوا کی
میرے مولیٰ تو خیرات دیدے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مجلس اجتماعي قرباني

**اي عاشقانِ رسول!** عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جا 107 شعبا آهن، جن مان هڪ شعبو **”مجلس اجتماعي قرباني“** بہ آهي، اها مجلس دعوتِ اسلامي تحت ٿيڻ واري **اجتماعي قرباني** جا سمورا انتظام سنڀاليندي آهي. اها مجلس پهريان اجتماعي قرباني جي بڪنگ ڪندي آهي، هن مجلس

سان وابسته وس آهر هن شعبي جا ماهر ۽ تجربيڪار اسلامي ڀائر مويشي منڊي وڃي جانورن جي خريداري شرعي اُصولن جي مطابق ڪندا آهن. جانورن جو چارو، پاڻي، انهن جي سارسنڀار، انهن جي حفاظت جو انتظام، قصائي کان جانور ذبح ڪرڻ ۽ انهن جي ڪٽائيءَ جي اُجرت طئي ڪرڻ، شرعي ذبح کان پوءِ هر جانور جا الڳ الڳ حصا ڀڱائي شرعي اُصولن جي مطابق گوشت حصيدارن جي حوالي ڪرڻ ۽ اجتماعي قرباني کان بچڻ واري رقم حصيدارن تائين پهچائڻ وغيره، انهيءَ مجلس جي ذمه دارين ۾ شامل آهي.

الله ڪريم **مجلس اجتماعي قرباني** جون ڪاوشون پنهنجي بارگاهه ۾ قبول فرمائي. **اٰمِين بِجَاہِ النَّبِیِ الْاَمِینْ** صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

## قربانيءَ جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو:

**اي عاشقانِ رسول!** هاڻي اوهان ٻڌو ته عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي خدمت دِين جي 107 شعبن ۾ مصروفِ عمل آهي. ياد رهي! انهن سمورن شعبن کي هلائڻ جي لاءِ ڪروڙين روپين جا اَخراجات ٿيندا آهن. جيڪي مُخَير حَضرات جي تعاوُن سان ئي پورا ٿيندا آهن، ان جي علاوه قربانيءَ واري عيد جي موقعي تي هنن شعبن کي هلائڻ لاءِ قرباني جون کلون به گڏ ڪيون وينديون آهن. قربانيءَ واري عيد جي آمد آمد آهي. عاشقانِ رسول جي مَدَني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو خدمتِ دين جو عظيم ڪم اوهان جي سامهون آهي، تنهنڪري اوهان سان مَدَني اِلتجا آهي ته نه صرف پنهنجي جانور جي **قرباني جون کلون** دعوتِ اِسلامي کي ڏيو، بلڪ پنهنجي رشتيدارن کي به دعوتِ اسلامي جي مدني ڪمن ۽ مختلف شعبن جو تعارف پيش ڪندي انهن جو به ذهن بنائڻ جي ڪوشش ڪريو ته هو به **قربانيءَ جون کلون** دعوتِ اسلامي ئي کي ڏين.

اَلْحَمْدُلِلّٰه! پاڪستان جي ڪم و بيش هر ننڍي وڏي شهر ۾ ڪيئي هنڌن

تي دعوتِ اسلامي تحت ”قرباني جي کلن“ جي لاءِ اسٽال (Stall) لڳايا ويندا آهن، جيڪڏهن اوهان کي جانور جي کل پهچائڻ جي حوالي سان ڪا ڏُشواري هجي ته پنهنجي عَلائقي يا قريبي ذِمہ دارانِ دعوتِ اسلامي کان هڪدم رابطو ڪريو، ته جيئن قرباني جي کل بروقت محفوظ تي ان جو دُرست اِستعمال ٿي سگهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سيدي قُطبِ مدينہ جي سيرت جون ڪجهه جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ذُوالحِجَّةُ الحَرام جو مبارڪ مهينو پنهنجون بهارون لٽائي رهيو آهي. هن مقدس مهيني ۾ هڪ عظيم شخصيت خليفهٔ اعليٰ حضرت قُطبِ مدينہ حضرت علّامہ مَولانا ضياء الدّين احمد مَدَني قادري رضوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ عُرس آهي. اچو! بَرَڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ سندن پاڪيزه سيرت جون ڪجهه جهلڪيون ملاحظ ڪريون ٿا،

## نالو، نسب ۽ پيدائش!

❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جو نالو ضِياءُ الدين احمد آهي، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جو پيدائشي نالو ”احمد مختار“ آهي، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جي ڏاڏي حضرت شيخ قُطبُ الدين قادري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بعد ۾ سندن نالو ''ضِياءُ الدّين'' رکيو هو، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** سومر جي ڏينهن ربيعُ الاوّل 1294ھ بمطابق 1877ء جو ڳوٺ ڪلاس والا، ضلعي سيالڪوٽ ۾ پيدا ٿيا. (سيدي ضياء الدين احمدالقادري، ١/١۶۴،ملتقطاً) ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** اميرِ اهلسنت حضرت علامہ محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا مُرشِد آهن، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** کان لکين ڪروڙين دعوتِ اسلامي وارا محبت ۽ عقيدت رکن ٿا، ❖ اهو ئي سبب آهي جو **سَيدي قطبِ مدينہ** جي وِلادت واري مڪانِ عاليشان کي خريدي دعوتِ اسلامي **مسجد ۽ مدرسة المدينہ** ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** اِبتِدائي تعليم پنهنجي ڏاڏي

سائين (Grandfather) کان حاصِل ڪئي، سَيدي قطبِ مدينہ سيالڪوٽ (پنجاب پاڪستان) جي مشهور عالِم حضرت علاّمہ مَولانا محمد **حُسَين** نقشبندي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان پڙهيو ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** ان کان پوءِ مشهور محدّث حضرتِ علاّمہ وصي احمد مُحَدّثِ سُورتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درس ۾ شامل ٿي ويا، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** تقريباً چارَ (4) سال تائين انهن کان تعليم حاصِل ڪرڻ جو سلسلو جاري رکيو- (سيدي ضياء الدين احمد القادري، ١/ ١٦٧ملخصاً) انهيءَ دوران پاڻ، اُستادِ محترم سان گڏ اعلي حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا مُريد ٿيا ۽ پوءِ خلافت سان نوازيا ويا.

## اخلاق و عادات!

❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** نهايت ئي پسنديده اَوصاف ۽ اَخلاق جا مالڪ هئا، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** هميشہ يادِ خُدا ۾ رهندا هئا، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** شب بيدار ۽ تهجُّد گذار ها، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** اِشراق، چاشت ۽ اوّابين جي نماز جا پابند ها، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** ڪمزوري ۽ پوڙهائپ جي باوجود اسلامي مهيني جي 13،14،15 تاريخ جا روزا نہ ڇڏيندا ها. (سيدي ضياءالدين احمد القادري،١/٤٨٦،بتغير) ❖ **سيدي قطبِ مدينہ** 77 سال مدينہ شريف ۾ مقيم رهيا ❖ **سيدي قطبِ مدينہ** جي مڪانِ عالي شان تي روزانو محفلِ نعت منعقد ٿيندي هئي.

## وصال مبارڪ ۽ تدفين

❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جو وصال 4 **ذُوالحِجَّة الحَرام** 1401 ھ بمطابق 2-10-1981 بروزِ جمعہ اذان دوران ٿيو، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جي غُسل شريف کان پوءِ سندن ڪفن کي ان مبارَڪ پاڻي سان ڌوتو ويو جنهن پاڻي سان سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قبرِ انور کي غُسل ڏنو ويو ۽ **مُختلِف تَبَرُّڪات** رکيا ويا، پوءِ ڪفن شريف پارايو ويو. ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جو مبارَڪ جنازو عصر نماز کان پوءِ دُرُود و سلام ۽ قصيدهٔ بُرده شريف جي گُونج ۾ ڪنيو ويو، ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** کي سندن آرزو جي مُطَابِق جنّت البقيع ۾ اَهلِ بَيتِ اَطهار عَلَيهِمُ

الرِّضْوَان جي قرب ۾ دفن ڪيو ويو. (سيدي قطبِ مدينه،ص۱۷) ❖ **سَيدي قطبِ مدينہ** جي سيرت بابت وڌيڪ معلومات جي لاءِ اميرِ اهلسنت جو رسالو **”سيدي قطبِ مدينہ“** جو مطالعو فرمايو. هن رسالي کي دعوتِ اسلامي جي ويب سائٽ www.dawateislami.net تان پڙهي بہ سگهجي ٿو، ڊاؤن لوڊ (Download) ۽ پرنٽ آؤٽ (Print Out) بہ ڪري سگهجي ٿو.

اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيه پنهنجي پيرو مرشد جي بارگاه بيڪس پناه ۾ هن طرح عرض ڪن ٿا:

مجھ کو دیدو بقیعِ غَرقَد میں — اپنے قدموں میں جا ضِیاءُ الدّین
مُصطفٰے کا پڑوس جنّت میں — مجھ کو حق سے دِلا ضِیاءُ الدّین

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو، تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو فرمان جنّت نشان آهي: جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (مشكاة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة،۱/۹۷،حديث:۱۷۵)

سینہ تری سُنّت کا مدینہ بنے آقا — جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قربانيءَ جون سنتون ۽ آداب!

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن تہ قربانيءَ واري عيد جي آمد آمد آهي تہ اچو! انهيءَ مناسبت سان قرباني جون سُنتون ۽ آداب ٻڌون ٿا. پهريان 2 فرامينِ مُصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ملاحظہ ڪريو: (1) فرمايائون: قرباني ڪرڻ واري

ڪي قرباني جي هر وار جي بدلي ۾ هڪ نيڪي ملندي آهي. (تِرمِذي،ڪتاب الاضاحي،باب ما جا ء في فضل الضحية،۱۶۲/۳،حديث:۱۴۹۸) (2) فرمايائون: جنهن شخص کي قرباني ڪرڻ جي وُسعَت هجي پوءِ بہ اهو قرباني نہ ڪري تہ اهو اسان جي عيد گاهہ جي ويجهو نہ اچي. (اِبن ماجه،ڪتاب الاضاحي، باب الاضاحي واجبة ام لا؟،۵۲۹/۳،حديث:۳۱۲۳) ❖ هر بالغ، مقيم، مسلمان مرد ۽ عورت، مالڪِ نصاب تي قرباني واجِب آهي. (فتاويٰ هندية،۵/ ۲۹۲) ❖ جيڪڏهن ڪنهن تي قرباني واجب آهي ۽ ان وقت ان وٽ پيسا نہ آهن تہ قرض وٺي يا ڪا شيءِ وڪڻي بہ قرباني ڪري. (فتاويٰ امجديه، ۳۱۵/۳ملخصاً) ❖ قرباني جو جانور پنهنجي هٿ سان ذبح ڪرڻ افضل آهي ۽ ذبح ڪرڻ وقت آخرت جي ثواب جي نيّت سان اتي موجود رهڻ بہ افضل آهي. (ابلق گهوڙي سوار،ص۱۷) ❖ **نابالغ** جي طرفان جيتوڻيڪ واجب ناهي پر ڪرڻ بهتر آهي (۽ اجازت بہ ضروري) ناهي (ابلق گهوڙي سوار،ص۹) ❖ بالغ اولاد يا گهرواريءَ جي طرفان قرباني ڪرڻ چاهي تہ انهن کان اجازت وٺي، جيڪڏهن انهن کان اجازت وٺڻ جي بغير ڪري ڇڏيائين تہ انهن جي طرفان واجب ادا نہ ٿيندو. (بهارِ شريعت،۳۳۴/۳،حصه۱۵ملخصاً) ❖ **قربانيءَ جي جانور جي عمر: اُٺُ** پنج سالن جو، ڳئون يا مينهن ٻن سالن جي، ٻڪر (هن ۾ ٻڪري، دنبو، رڍ ۽ گهيٽو (نر ۽ مادي) شامل آهن) هڪ سال جو، ان کان گهٽ عمر جو هجي تہ قرباني جائز ناهي، وڌيڪ هجي تہ جائز بلڪ افضل آهي. (بهارِ شريعت،۳۴۰/۳،حصه۱۵ملخصاً)

❖ قرباني جي جانور جو بي عيب هئڻ ضروري آهي جيڪڏهن ٿورڙو بہ عيب هوندو (مثلاً ڪن چيريل هجي يا ڪن ۾ سوراخ هجي) تہ قرباني مڪروهہ ٿيندي ۽ گهڻو عيب هوندو تہ قرباني نہ ٿيندي. (بهارِ شريعت،۳۴۰/۳،حصه۱۵ملخصاً) ❖ قرباني کان پهريان ان کي چارو پاڻي ڏي، يعني ٻُڪايل اجايل رکي ذبح نہ ڪيو ۽ هڪ جي سامهون ٻي کي ذبح نہ ڪيو ۽ پهريان کان ڇري تيز ڪري ونو ائين نہ ٿئي جو جانور کي ليٽائڻ کان پوءِ ان جي سامهون ڇري تيز ڪئي وڃي. (بهارِ شريعت،۳۵۲/۳،حصه۱۵ملخصاً) ❖ سنّت هي هلندي آئي آهي تہ ذبح ڪرڻ وارو ۽ جانور ٻئي قبلي رخ هجن. (فتاويٰ رضويه،۲۱۶/۲۰) ❖ بهتر هي آهي تہ پنهنجي قرباني پنهنجي هٿ سان ڪري جڏهن تہ چڱيءَ طرح ذبح ڪرڻ ڄاڻيندو هجي. (بهارِ شريعت،۳۴۴/۳،حصه۱۵ملخصاً)

❖ ۽ جيڪڏهن چڱي طرح نہ ڄاڻيندو هجي تہ ٻئي کي ذبح ڪرڻ جو حڪم ڏي پر ان صورت ۾ بهتر هي آهي تہ قربانيءَ جي وقت اتي موجود هجي. (بهارِ شريعت،۳/۳۴۴،حصه۱۵ملخصاً) ❖ ٻئي کان ذبح ڪرايائين ۽ خود پنهنجو هٿ بہ ڇري تي رکيائين جو ٻنهي گڏجي ذبح ڪيو، تہ ٻنهي تي بِسۡمِ الله چوڻ واجِب آهي. (بهارِ شريعت،۳/۳۵۱،حصه۱۵)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

طرح طرح جون هزارين سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب 312 صفحن تي مشتمل ڪتاب ”بهار شريعت“ حصو 16 ۽ 120 صفحن جو ڪتاب“سنتيں۽آداب” هديو ڏئي حاصل ڪيو ۽ پڙهو. سنتن جي تربيت جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر آهي.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ايندڙ هفتيوار اجتماع جي بيان جون جهلڪيون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِنۡ شَآءَاللّٰه عَزَّوَجَلَّ! آئنده هفتيوار سنتن ڀري اِجتماع جو موضوع هوندو: **”الله جي نعمتن جي قدر ڪريو“.** جنهن ۾ اسان ٻڌنداسين تہ الله پاڪ جي نعمتن تي اسان جو اندازِ شڪر ڪيئن هئڻ گهرجي؟ ڪنهن نعمت جي وڃڻ تي نا شڪري کان بچندي اسان صبر و تحمل جو مظاهرو ڪهڙي طرح ڪري سگهون ٿا؟ اهو بہ ٻڌنداسين تہ نعمتن جي ملڻ ۽ انهن جي وڃڻ تي اسان جي بزرگ سڳورن رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم اَجۡمَعِين جو انداز ڪيئن هوندو هو؟ ان جي علاوه الله پاڪ جي نعمتن جي حوالي سان مدني گل ۽ واقعا ٻڌڻ جي سعادت بہ حاصل ڪنداسين. لهٰذا! **آئنده جمعرات بہ** اجتماع ۾ حاضري جي نيت

ڪريو، نہ صرف پاڻ اچڻ جي بلڪ اِنفرادي ڪوشش ڪري ٻين ڪي بہ گڏ آڻڻ جي نيت ڪريو ۽ هٿ ڪٽي زور سان چئو: اِنْ شَآءَاللهعَزَّوَجَلَّ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### (1) جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو آهي تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

### (2) سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ وينل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

### (3) رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2]...افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## (4) ڇهہ لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ تَعَالٰى عَلَيْه ڪن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## (5) قُربِ مُصطَفٰي صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ تَعَالٰى عَنهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## (6) دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]...القول البديع، الباب الثانی، ص277،
[2]...افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
[3]...القول البديع، الباب الاول، ص125
[4]... الترغيب والترهيب، ج ٢، ص ٣٢٩، حديث ٣١

## (1) هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُما کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## (2) جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ . سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. (ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

1 ... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فى كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305